# فیضانِ اصحابِ صُفّہ

رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن

03-January-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان اَصحابِ صُفہ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله — وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضور نبي رحمت، شفيع اُمّت** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمان آهي: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانوَ نہ هوندي، تي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا- (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو-** (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ۱۳۱حديث: ۳۶۶ )

ڪيوں کہوں بيکس ہوں ميں ڪيوں کہوں بے بس ہوں ميں
تُم ہو ميں تُم پر فدا تُم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.**

**(المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)**

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندَس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٿڪڻ کان بچندَس ❁

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،اُن کي ٻڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! صحابہَ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو شان ايترو بي مثال آهي جو ڪو بہ امتي چاهي اهو ڪيتري بہ وڏي مرتبي تي پهتل هجي، انهن جي مقام ۽ رُتبي کي نٿو پهچي سگهي- هي اهي مبارڪ هستيون آهن جن سڀ کان پهريان اسلام قبول ڪيو، هي اهي خوش نصيب آهن جن کي الله پاڪ پنهنجي محبوبِ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي صحبت اختيار ڪرڻ جي لاءِ چونديو، هي اهو مقدس گروه آهي جنهن کي حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان پهريان نيڪي جي دعوت ڏني، هي اهي پاڪيزه افراد آهن جن دينِ اسلام کي پکيڙڻ جي لاءِ ڪافرن جي ظلم ۽ ستم کي برداشت ڪيو، هي اهي ماڻهو آهن جن ابتداءِ اسلام جي مشڪل دور ۾ بک اُڃ برداشت ڪري، پيٽ تي پٿر ٻڌي، قريبي رشتيدارن، پنهنجن ۽ پراين جون دشمنيون سهي ڪري بہ پرچمِ اسلام کي بلند رکيو، يقيناً انهن جي بيحد محنتن ۽ لازوال قربانين جو نتيجو آهي جو اڄ اسان الله پاڪ ۽ ان جي پياري رسول عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي ياد ڪندڙ آهيون ۽ هر پاسي دينِ اسلام جون بهارون آهن.

هونءَ تہ تمام صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا پيارا ۽ هدايت جا روشن تارا آهن، سيئي اسان جيَ اکين جو نور ۽

دل جو سُرُور آهن، پر انهن مان ڪجهه صحابہ اهڙا بہ آهن جيڪي پاڻ ڪريم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي خدمت ۾ صرف دين سکڻ جي لاءِ حاضر رهندا هئا- انهن کي اصحابِ صُفہ چوندا آهن- اڄ اسان انهن ئي جو شان ۽ انهن جي قربانين بابت ٻڌنديون سين- انهن اصحابن مان ڪجهه وڏن ۽ مشهور صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي سيرتن سان گڏوگڏ ضمناً مدني گل بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين- ان سان گڏوگڏ اصحاب صفہ جي زندگين مان اسان کي ڪهڙو درس ملندو آهي، اهي ڪهڙا سبب آهن جن جي ڪري اصحابِ صفہ پنهنجا گهر ٻار، اهل و عيال ۽ فڪرِ روزگار کان بي نياز ٿي مسجدِ نبوي ۾ ئي رهندا هئا، اهو سڀ بہ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنديون سين- اڄو سڀ کان پهريان اصحابِ صفہ مان هڪ مشهور صحابي، مقبولِ بارگاهہ رسول حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو واقعو ٻڌون ٿيون جنهن ۾ بين اصحابِ صفہ جو ذڪرِ خير بہ آهي-

## کير جو هڪ پيالو

حضرتِ سيدُنا ابو هريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: بک جي شدت جي ڪري هڪ ڏينهن مان اُن رستي تي ويهي رهيس، جتان ماڻهو ٻاهر ويندا هئا- ٻنهي جهانن جا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽان گذريا تہ مون کي ڏسي مُرڪيا ۽ منهنجو چهرو ڏسي منهنجي حالت سمجهي ويا- ارشاد فرمايائون: اي ابوهريره! مون عرض ڪيو: لَبَّيْک يا رسول الله! (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) فرمايائون: مون سان گڏ اچو، مان پنيان هلڻ لڳس- جڏهن شهنشاهِ بَحر و بَر مديني جا تاجوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ گهر ۾ جلوه فرما ٿيا تہ اجازت وٺي مان بہ اندر داخل ٿيس- سروَرِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ پيالي ۾ کير ڏٺو تہ فرمايائون: "هي کير ڪٿان آيو آهي؟ گهروارن عرض ڪيو: فلاڻي صحابيءَ يا صحابيہ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي لاءِ تحفي طور موڪليو آهي- فرمايائون: ابوهريره! مون عرض ڪيو: لَبَّيْک يا رسول الله (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! فرمايائون: وڃو، اهلِ صُفہ کي سڏي اچو- حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: اهل صُفّہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان اسلام جا مهمان آهن، نہ انهن کي ٻارن ٻچن جو شوق آهي نہ مال ۽ دولت جو ۽ نہ اهي ڪنهن شخص جو سهارو وٺندا آهن- جڏهن محبوبِ ربّ ذوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ صدقي جو مال ايندو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو مال انهن ڏانهن موڪلي

چڏيندا هئا ۽ پاڻ ان مان ڪجهه بہ نہ کڻندا هئا ۽ جڏهن پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ ڪو هديو ايندو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اُنهن ڏانهن موڪليندا هئا، اُن مان پاڻ بہ اِسۡتِعمال ڪندا هئا ۽ اُنهن کي بہ شريڪ فرمائيندا هئا- مون کي اها ڳالهه ڏکي لڳي دل ۾ خيال آيو تہ اهلِ صُفّہ (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) جو هن کير مان ڇا ٿيندو؟ مان هن جو وڌيڪ مُسۡتحِق هئس جو هن کير مان ڪجهه ڍُڪَ پيئان ها ۽ ڪجهه طاقت حاصل ڪيان ها- جڏهن اصحابِ صُفّہ (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) ايندا تہ سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ئي ارشاد فرمائيندا تہ انهن کي کير پيش ڪر- اهڙي صورت ۾ تمام مشڪل آهي جو کير جا ڪجهه ڍڪ مون کي ميّسر ٿين، پر **الله** ۽ ان جي رسول جي اطاعت ۽ فرمانبرداري کان بغير ڪا واهہ نہ هئي، مان اصحابِ صُفّہ (عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان) کي سڏي آيس- اهي آيا انهن تاجدارِ مدينۂ منوره، شهنشاهِ مڪۂ مڪرمہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان (اندر اچڻ جي) اجازت طلب ڪئي- پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اجازت عطا فرمائي ۽ اهي گهر ۾ داخل ٿي ويهي رهيا- مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ابوهريره! مون عرض ڪيو: لبَّيۡڪ يا رسول **الله** (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! فرمايائون: ”پيالو پڪڙيو ۽ هنن کي کير پياريو“ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون پيالو پڪڙيو، مان اهو پيالو هڪ شخص کي ڏيندو هئس اهو پيٽ ڀري کير پيئندو ۽ وري پيالو مون کي موٽائي ڏيندو هو، ايستائين جو مان پياريندو پياريندو، سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي ويس ۽ سيئي ماڻهو سَير ٿي چڪا هئا- سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيالو کڻي پنهنجي هٿ مبارڪ تي رکيو- پوءِ مون ڏانهن ڏسي مُرڪيا ۽ ارشاد فرمايائون: ”ابو هريره! مون عرض ڪيو: لبَّيۡڪ يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! فرمايائون: هاڻي مان ۽ تون باقي رهجي ويا آهيون- عرض ڪيم: يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان سچ فرمايو، فرمايائون: ”ويهو ۽ پيئو-“ مان ويهي رهيس ۽ کير پيئڻ لڳس- پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اڃان پيئو“ مون وري پيتو- پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلسل فرمائيندا رهيا تہ: ”پيئو“ ايستائين جو مون عرض ڪيو: بس! قسم آهي اُن ذات جو جنهن پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي حق سان مبعوث فرمايو ، هاڻي وڌيڪ گنجائش ناهي، فرمايائون: ” مون کي ڏيکاريو“ مون پيالو پيش ڪيو، پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن **الله** تعاليٰ جي ساراهہ ڪئي ۽ بِسۡمِ **الله** پڙهي

بچيل کير نوش فرمايو (يعني پيتو).
(بخاري،کتاب الرقاق باب کيف کان عيش النبي۔۔۔الخ۴ /۲۲۳، حديث:۶۴۵۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دينے والا ہے سچا ہمارا نبي!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ حضورِ انور، شافعِ محشر عَلَيه السَّلَام مالڪ ۽ مختار آهن، جڏهن چاهين، جيئن چاهين، جيترو چاهين، جتي چاهين تصرف فرمائن، اسان جي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ سيئي اختيار آهن- اهو بہ معلوم ٿيو نبي رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان وڏو ڪو سخي ناهي، کير جو صرف هڪ ئي پيالو هو، پاڻ عَلَيه السَّلَام خود ئي ان کي استعمال ڪري سگهيا ٿي پر اهو پسند نہ ڪيائون بلڪ فيض ۽ سخاوت جا دريا وهائيندڙ آقا، سوالين جا دامن پرڻ وارا داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اصحابِ صفہ کي گهرائي انهن کي بہ ۽ جنابِ ابُو هُريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کي بہ کير پيئاري پنهنجي سخاوت جا دريا وهائي ڇڏيائون- ائين ڇو نہ ٿئي جو اسان جا آقا، عالم جا داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام بني آدم ۾ سڀ کان وڏيڪ سخي آهن- جيئن تہ حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري رسولِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا توهان کي خبر آهي تہ سڀ کان وڏو سخي ڪير آهي؟ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: اللّٰہ ۽ ان جو رسول بهتر ڄاڻي ٿو- تہ پاڻ عَلَيه السَّلَام ارشاد فرمايائون: اللّٰہ پاڪ سڀ کان وڌيڪ جوّاد آهي پوءِ تمام بني آدم ۾ سڀ کان وڌيڪ سخي مان آهيان- (شعب الايمان،الثامن عشر ،باب في نشر العلم، ۲۸۱/۲، حديث:۱۷۶۷ ملتقطا)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### اصحابِ صفہ ڪير هئا؟

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن واقعي ۾ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو بہ ذڪر آهي ۽ ٻين اصحابِ صفہ جو بہ تذڪرو آهي- پاڻ حضرت سَيِّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اصحابِ صفہ مان هئا- مسجد نبوي شريف عَلي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ هڪ چبوترو هو، جتي(مختلف وقتن ۾) تقريبًا چار يا پنج سؤ فقراءِ مهاجرين ويهندا هئا- تنهن ڪري انهن کي اصحابِ صُفّہ چوندا آهن- انهن وٽ نہ گهر هو نہ

دُنياوي ساز و سامان ۽ نہ ئي ڪو ڪاروبار- غُربت جو اِهو حال هو جو اِنهن مان 70 وٽ تہ اَوگهڙ ڍڪڻ جي لاءِ پورو ڪپڙو بہ نہ هوندو هو- انهن جي تعداد ۾ ڪمي پيشي ٿيندي رهندي هئي- مديني شريف ۾ اچڻ واري جو ڪو ڄاڻ سُڃاڻ وارو نہ هوندو هو تہ اهو بہ صُفّہ وارن ۾ شامل ٿي ويندو هو- (تفسير نعيمي،۱۳۷/۳)

بظاهر تہ اهي اَصحابِ صُفّہ وڏا ڪمزور(Weak) هئا، بظاهر تہ اهي اَصحابِ صُفّہ گهڻا تنگ دست هئا، انهن وٽ پائڻ جي لاءِ سنا ڪپڙا نہ هئا، انهن وٽ کائڻ لاءِ غذا نہ هئي، انهن وٽ سمهڻ جي لاءِ نرم ۽ گرم بستر نہ هئا، انهن وٽ رهڻ جي لاءِ گهر نہ هئا، انهن وٽ پنهنجي خدمت جي لاءِ نوڪر چاڪر نہ هئا، انهن وٽ ڪم ڪار ڪرڻ جي لاءِ غلام نہ هئا، اَلغَرَض! بظاهر اهي گهڻا غريب هئا، پر الله پاڪ جي بارگاهِ ۾ مقبول هئا، رسول ڪريم، رءوفٌ رّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مقرب هئا، قرانِ پاڪ ۾ خود ربِ ڪائنات انهن جي تعريف ۽ توصيف بيان فرمائي آهي- جيئن سيپاري 15،سورة ڪهف،آيت نمبر 28 ۾ ارشاد فرمايو:

وَ اصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِیِّ یُرِیْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَ لَا تَعْدُ عَیْنٰكَ عَنْهُمْۚ تُرِیْدُ زِیْنَةَ الْحَیٰوةِ الدُّنْیَاۚ وَ لَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ وَ كَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾ (پ۱۵، الکهف :۲۸)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ پنهنجي پاڻ کي انهن سان مانوس رک جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي پڪاريندا آهن ان جي رضا گهرندا آهن ۽ تنهنجون اکيون انهن کي ڇڏي هيڏي هوڏي نہ پون، ڇا تون دنيا جي زندگي جو سامان گهرندين، ۽ ان جو چيو نہ ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏي ۽ اهو پنهنجي خواهش جي پٺيان هليو ۽ ان جو ڪم حد کا ٽپي ويو.

## اَصحابِ صُفہ کي پري نہ ڪريو!

تفسيرِ نعيمي ۾ هن آيت سڳوري تحت آهي: (الله پاڪ اهو فرمائي رهيو آهي تہ) اي حبيبِ مڪرم! (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اوهان پنهنجو پاڻ کي سڄي عمر، سڄي حياتِ طَيبہ هر محفل، هر مجلس، هر گهڙي، ڏينهن رات، صبح شام

انهن ئي ماڻهن کي گڏ رکو جيڪي مخلص (Sincere) آهن، جيڪي مسڪين آهن، جيڪي فقير آهن، جيڪي غريب آهن، جيڪي سادا آهن، جيڪي نهايت خلوص سان پنهنجي رب جي عبادت ڪن ٿا، جيڪي خشوع و خضوع جا پيڪر آهن، جيڪي صبح کان شام تائين، جيڪي فجر کان عشاء تائين، جيڪي پنج ئي وقتن ۾، جيڪي سحري وقت جاڳي، جيڪي رات جو سمهڻ کان پهريان اَلغَرَض! هر وقت ئي، هر ساهه ۾ هر ڪروٽ ۾ ذڪرِ الهي ڪندا آهن- سڄي دنيا کان منهن موڙي بس پنهنجي مولىٰ جي ذات ئي جو ارادو رکن ٿا، ان کي چاهين ٿا، ان جا ئي طلب گار آهن- (۽ اي حبيبِ مڪرم!) انهن ڪافرن کان پري ئي رهو جيڪي مختلف وفد بڻجي اوهان وٽ اچن ٿا ۽ اوهان کي پنهنجي ايمان آڻڻ جي لاءِ طرح طرح جا شرط (Conditions) لڳائن ٿا ته يارَسُولَ الله اسان ۽ اسان جو قبيلو اوهان تي تڏهن ايمان آڻيندو جڏهن اوهان پاڻ وٽان، پنهنجي محفل مان انهن غريب اَصحابِ صُفّہ کي پري ڪندؤ، يا ڪم از ڪم اسان جي هوندي انهن کي پاڻ وٽ نه اچڻ ڏيو، انهن جي محفل الڳ لڳايو، اسان جي مجلس الڳ سڄايو، اسان کي انهن سان گڏ ويهندي شرم اچي ٿو ۽ اسان جي سرداري تي فرق اچي ٿو، بس اها ئي هڪ رڪاوٽ آهي جنهن سبب اسان اوهان جي نبوت ۽ رسالت، صداقت، امانت ۽ ديانت تي اجا تائين ايمان نه آڻي سگهياسين، (ان تي الله پاڪ ارشاد فرمائي رهيو آهي) اي محبوب! (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) انهن مڪارن جي ڳالهين ۾ نه اچجو ۽ پنهنجي رحمت ۽ عافيت ڀرين نگاهن کي انهن پاڪيزه باطن وارن کان نه هٽائجو ڇوته اوهان جون اهي معرفت واريون نظرون ئي ته انهن حضرات جي ڪُل ڪائنات آهن، اوهان جون محفلون ئي ته انهن جي زندگي آهي، اوهان جي جدائي انهن جي لاءِ تڪليف جو سبب آهي، هن موقعي تي اها آيت سڳوري نازل ٿي ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمايو ويو ته پنهنجي جان کي انهن ماڻهن سان مانوس رکو جيڪي صبح ۽ شام پنهنجي رب کي پڪارين ٿا ان جي رضا چاهن ٿا يعني جيڪي اِخلاص سان هر وقت الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾ مشغول رهندا آهن- (تفسير نعيمي، تحت الآية المذكورة، ۵۷۶/۱۵ بتغير )

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! غور ڪريو! اَصحابِ صُفّہ جو مقام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ڪيتري قدر بلند آهي جو انهن جي بارَي ۾ پنهنجي حبيب عَلَيہ السَّلَام کي هدايت فرمائي ته انهن کي پنهنجي بارگاهه ناز کان پري نه ڪريو- تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هن آيت سڳوري مان ڪيئي مسئلا معلوم ٿيا،

جيئن: (1) معلوم ٿيو تہ چڱن سان گڏ رهڻ چڱو آهي توڙي جو اهي فُقراء هجن ۽ برن سان گڏ رهڻ برو آهي توڙي جو اهي مالدار هجن- (2) اهو بہ معلوم ٿيو تہ صبح و شام خصوصيت سان الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ گهڻو افضل آهي- (3) نيڪن جون ﮭ نشانيون بہ هن آيت ۾ بيان فرمايون، پهرين هي جو اهي صبح ۽ شام الله پاڪ جو ذڪر ڪن ٿا ۽ ٻي هي جو هر عمل سان الله پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جا طلبگار هوندا آهن- (4) هن آيت ۾ دنيا دارن ڏانهن نظر رکڻ ۽ انهن جي پيروي ڪان منع فرمايو ويو آهي- (صراط الجنان، ۵۵۹/۵ ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! صلَّی اللہ تعالٰی علٰی محمَّد

## ڪجھ مشهور اَصحابِ صُفہ

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَصحابِ صُفہ جي شان ۽ عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي! هي اهي خوش نصيب ماڻهو هئا جيڪي مدني حبيب، طبيبن جي طبيب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحبت ۾ ئي رهندا هئا، انهن زندگي جون تمام نعمتون گهرٻار، اهل و عيال، مال ۽ دولت، جاھ ۽ ثروت ۽ عيش و عشرت ڪي دين جي تعليم ۽ اشاعتِ اسلام جي لاءِ قربان ڪري ڇڏيو هو- اَصحابِ صُفہ ۾ وڏا وڏا جليل القدر صحابہَ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان شامل (Included) آهن- مشهور اصحابِ صُفہ ۾ حضرت سيدنا ابُوهُرَيره، حضرت سيدنا بلال حَبشي، حضرت سيدنا اَبُوذَر غِفاري، حضرت سيدنا عَمَّار بن ياسِر، حضرت سيدنا سلمان فارسي، حضرت سيدنا حُذيفہ بن اليَمان، حضرت سيدنا ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُم جهڙا جَلِيلُ القَدَر صحابي شامل آهن- (سيرتِ رسولِ عربي، ص۱۱۶ ملخصاً)

## اَصحابِ صُفہ جا فاقا

اَصحابِ صُفہ تمام غريب هئا، اڪثر بُک واري زندگي ۾ رهندا هئا، نبي ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وٽ جڏهن ڪو تحفو، صدقو يا مالِ غنيمت ايندو هو تہ پاڻ عَلَیْہِ السَّلَام ان مان اصحابِ صفہ تي خرچ ڪندا هئا- ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو تہ اهي عظيم ماڻهو ڪيئي ڪيئي ڏينهن تائين بکايل رهندا هئا- انهيءَ ڪري اهي تمام ڪمزور، ضعيف، هيٺا ۽ نادار هئا- اچو اَصحابِ صُفہ جي غريبي ۽ ڪمزوري جي باري ۾ ڪجھ روايتون ٻڌون ٿيون:

1. حضرت سيِّدُنا فَضالَہ بن عُبيد رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: حبيبِ ڪِبرِيا، اِمامُ

الانبياء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ماڻهن کي نماز پڙهائيندا هئا تہ ڪجھ صحابہ عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان نماز ۾ ئي قيام جي حالت ۾ بُک جي سختيءَ جي سبب ڪِري پوندا هئا ۽ اهي اصحابِ صُفہ هوندا هئا- ايستائين جو اعرابي چوندا هئا تہ اهي ديوانا آهن- جڏهن سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز مان فارغ ٿيندا هئا تہ انهن ڏانهن توجھ ڪري فرمائيندا هئا، جيڪڏهن توهان کي معلوم ٿي وڃي تہ توهان جي لاءِ اللّٰه تعاليٰ وٽ ڪيڏو (اجر ۽ ثواب) آهي تہ توهان انهيءَ ڳالھ کي پسند ڪريو تہ توهان جي بُک ۽ حاجت منديءَ ۾ اضافو ٿئي- (فيضانِ سنّت، ص۷۰۲،ترمذي،ڪتاب الزهدباب ماجاء في معيشة ۔۔۔الخ،۱۶۲/۴،حديث:۲۳۷۵)

2. حضرت سَيدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جيڪي اصحابِ صفہ مان هئا اهي فرمائن ٿا: مون (بُک سبب) پنهنجي اها حالت بہ ڏٺي جو مديني جي تاجوَر، محبوبِ ربِّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مِنبر شريف ۽ اُمُّ الْمؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي حُجري مبارڪ جي وچ ۾ بيهوش ٿي ڪِري پوندو هئس، ڪو ماڻهو اچي منهنجي ڪنڌ تي پير رکي ڇڏيندو ۽ هو اهو سمجهندو هو تہ مون تي جُنون (يعني چريائپ) جي ڪيفيت طاري آهي، حالانڪ مون کي جُنون وغيره ڪجھ بہ نہ هوندو هو اِها حالت بُک جي ڪري هوندي هئي-

(فيضانِ سنّت ص۶۹۵،بخاري،ڪتاب الاعتصام بالڪتاب والسنة باب ذڪر النبي ۔۔الخ،۵۱۵/۴،حديث:۷۳۲۴)

3. حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري اسان ضعيف ۽ نادار ماڻهو وينل هئاسين تہ حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف فرما ٿيا، ان وقت هڪ شخص قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري رهيو هو ۽ اسان لاءِ دعا گهري رهيو هو- تہ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: ”سڀ تعريفون اللّٰه جي لاءِ جنهن منهنجي امت ۾ اهڙا نيڪ سيرت ٻانها پيدا ڪيا، جن سان گڏ رهڻ جو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي-“ پوءِ ارشاد فرمايائون: ”مسلمان فقراء کي قيامت جي ڏينهن ڪامل نور جي بشارت آهي ۽ اهي غني ماڻهن کان اڌ ڏينهن پهريان جنت ۾ داخل ٿيندا يعني پنج سو سال پهريان داخل ٿيندا اهي فقراء جنت ۾ نعمتن کان لطف اندوز ٿي رهيا هوندا ۽ غني ماڻهن جو محاسبو

(Accountability) ڪيو ويندو هوندو-“ (الدر المنثور، الكهف، ۳۸۲/۵ تحت الاية:۲۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غربت نعمت آهي يا زحمت

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بظاهر غربت اسان جي معاشري ۾ ناپسنديدگي جي نگاھ سان ڏٺي ويندي آهي، يقيناً اها غربت جيڪا اسان کي ڪي دين ۽ شريعت کان پري ڪري اها چڱي ناهي جڏهن تہ اها غربت جيڪا اسان کي شريعت جي پيروي، توڪل علي الله ۽ خودداري تي اپاري يقيناً اها الله پاڪ جي نعمت آهي- اهڙي غربت ئي نبي رحمت، شفيعِ امت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاهت، تمام گهڻي فضيلت ۽ بي شمار فائدن جو ذريعو آهي، انهيءَ ڪري الله وارن غربت کي پسند فرمايو آهي ۽ مال ۽ دولت ڪمائي غربت کان نڪرڻ جي ڪوشش نہ فرمائي- اَصحابِ صُفّہ جو روشن مثال اسان جي اڳيان آهي، انهن پاڪيزه ماڻهن جي لاءِ مالَ ۽ دولت گڏ ڪرڻ، ڪاروبار ۽ بازار سان تعلق رکڻ ڪجھ مشڪل نہ هو پر انهن اهڙين شين کان منهن موڙي ۽ صرف دين جي راھ جي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري پيش ايندڙ غربت کي برداشت ڪري اهو سبق ڏنو آهي تہ اها غربت سٺي آهي جيڪا اسان کي نيڪين ڏانهن وٺي وڃي، اها غربت سٺي آهي جيڪا اسان کي مال ۽ دولت جي حرص کان آزاد ڪري، اها غربت سٺي آهي جيڪا علمِ دين سکڻ جو سبب بڻجي وڃي، اها غربت جيڪا نيڪ عملن جو شوق ڏياري مال ۽ دولت جي لالچ کان لک ڀيرا بهتر آهي-

اهو غريب شخص جيڪو پنهنجي غربت تي صبر ڪري، مال گڏ ڪرڻ جي چڪرن کان پري رهي، اميرن ۽ انهن جي دولت کي ڏسي ڏسي دل جلائڻ ۽ حسد جي آفت ۾ مبتلا ٿيڻ کان بچي ۽ بي صبري ۽ ناشڪري کان پري رهي تہ اهڙو شخص يقيناً تعريف جي لائق آهي-

ياد رکو! ڪڏهن ڪڏهن غربت ۽ مصيبت آزمائش بہ بڻجي ايندي آهي تہ اهي عورتون جيڪي غربت ۽ مصيبت تي صبر ۽ شڪر ڪرڻ بدران ان تي ڳڻتي ڪنديون رهن، بي صبري جو مظاهرو ڪن، شڪوه شڪايت ڪن ۽ حرام طريقي سان غربت ۽ مصيبت کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، انهن

کي ڏجڻ گھرجي تہ انھن جو شکوو، بي صبري، ۽غربت ۽ مصيبت کي حرام ذريعن سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش آخرت جي تباهي جو سبب نہ بڻجي وڃي- جڏهن تہ مصيبت تي صبر ڪرڻ تمام وڏي اجر ۽ ثواب ۽ درجن جي بلندي جو باعث آهي-

حضرت سَيدُنا محدث ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: محتاجي (Poverty) هڪ مرض جيان آهي جيڪو هن ۾ مبتلا ٿيو ۽ صبر ڪيائين هو ان جو اجر و ثواب ماڻيندو، انهيءَ ڪري محتاج ۽ غريب ماڻھو جن پنھنجي فقر ۽ غربت تي صبر ڪيو هوندو، اميرن کان 500 سال پھريان جنت ۾ داخل ٿي ويندا- (تلبيس ابليس، ص۲۲۵)

حديثِ قدسي آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو: ”جڏهن مان پنھنجي ٻانھن مان ڪنھن مومن ٻانھي کي مصيبت ۾ مبتلا ڪيان ۽ هو ان مصيبت تي منھنجو شڪر ادا ڪري تہ (اي ملائڪو) ان جي لاءِ اهو ئي اجر لکندا ڪريو جيڪو توهان ان جي تندرستي جي حالت ۾ لکندا هئا-“ (الترغيب والتر هيب، ڪتاب الجنائز ، باب التر غيب في الصبر،رقم ۵۳ ،ج۴ ،ص ۱۴۸)

رہیں سب شاد گھر والے شہا تھوڑی سی روزی پر
عطا ہو دولتِ صَبْر و قناعت یَارَسُوْلَ الله!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني مذاڪرو“**

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! الله پاڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ ۽ صبر ۽ شڪر جي عادت ٺاھڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 8 مدني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو. هنن 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم”هفتہ وار مدني مذاڪرو“ بہ آهي هر اسلامي ڀيڻ روزانو انفرادي طور تي يا سيني گھروارن کي(جن ۾ نامحرم نہ هجن) جمع ڪري شيخ طريقت، اميراهلسنتدَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا سنتن ڀريا بيان ۽ مدني مذاڪره ”مڪتبة المدينہ“ کان جاري ٿيندڙ بين مبلغن جا سنتن ڀريا بيان ضرور ٻڌو. مدرسة المدينہ (بالغات) ۾ هفتہ وار جامعة المدينہ ۾ روزانو”ڪيسٽ اجتماع“ ڪيو. (روزانو سنتن ڀريو بيان يا مدني مذاڪرو ٻڌڻ وارن سان اميراهلسنت

دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ تمام گهڻا خوش ٿيندا آهن)

هن کم جا بيشمار ديني ۽ دنياوي فائدا آهن.❁ مدني مذاڪري جي برڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذهن ملندو آهي.❁ مدني مذاڪري جي برڪت سان علم دين حاصل ٿيندو آهي.❁ مدني مذاڪري جي برڪت سان ديني معلومات سان گڏ اخلاقي تربيت بہ نصيب ٿيندي آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ڪم جي برڪت سان بيشمار ماڻهو گناهن ڀري زندگي ڇڏي ڪري نيڪيون ڪرڻ وارا بڻجي ويا. اچو ترغيب طور هڪ مدني بهار ٻڌو ۽ پابندي سان مدني مذاڪرا ڏسڻ جي نيت ڪيو. جيئن تہ

**فلمن ڊرامن کان نجات ملي وئي**

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ فلمون ڊراما شوق سان ڏسندي ۽ نمازون قضا ڪري ڇڏيندي هئي. هڪ ڏينهن ان کي دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀيڻ اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ جي ٿيڻ واري"مدني مذاڪري" جي ڪيسٽ ٻڌڻ جي لاءِ ڏني. ان مدني مذاڪرو ٻڌڻ شروع ڪري ڏنو. هڪ سوال جي جواب ۾ اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہۡ قبر جي اڪيلائين ۽ پريشانين جو اهڙو نقشو ڇڪيو جو ان اسلامي ڀيڻ جو دل خوفِ خدا سان ڏڪي ويو ۽ قبر جي وحشت ناڪ تصور ان جي جسم کي ڪانڊارِي ڇڏيو. ان گهٻرائجي انهيءَ وقت سمورن گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ نمازن جي پابند بڻجي وئي. انهيءَ مدني مذاڪري جي برڪت سان ان کي فلمن ڊرامن جي نحوست کان بہ نجات ملي وئي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي نہ صرف اها پاڻ دعوت اسلامي جي اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿينديون آهن بلڪ ٻين اسلامي ڀينرن کي بہ ان جي دعوت ڏينديون آهن.

(فلمي اداڪار جي توبهہ ص20)

"جيڪڏهن توهان کي بہ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي ذريعي ڪا مدني بهار يا برڪت ملي هجي تہ آخر ۾ مدني بهار مڪتب تي جمع ڪرايو."

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**اَصحابِ صُفہّ جو علم دين سکڻ سيکارڻ**

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اسان اَصحابِ صُفہّ جي باري ۾ ٻڌي رهيون

هيون سين، يقيناً اَصحابِ صُفّہ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، اصحاب صفّہ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا- انهن جي بنيادي ڪمن مان هڪ علم دين حاصل ڪرڻ هو- ڪيئي روايتن ۾ انهن جي علم سکڻ ۽ سيکارڻ جو تذڪرو ملندو آهي- اچو! هن باري ۾ ڪجھ روايتون ٻڌون ٿيون:

حضرت سيدنا عثمان بن ابي عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جيڪي اصحابِ صفہ مان هئا انهن جو معمول هو تہ جڏهن ماڻهو منجهند جو هليا ويندا هئا تہ هو رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي دين بابت سوالات (Questions) ڪندا هئا ۽ قرآنِ ڪريم سکندا هئا ۽ اهڙي طرح انهن دين جي سمجھ ۽ علم حاصل ڪري ورتو ۽ ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آرام فرمائي رهيا هوندا هئا تہ هو سيدنا ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ هليا ويندا هئا- نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان گهڻي محبت ڪندا هئا- (فيضان صديق اڪبر ص 148)

جهالت واري زماني ۾ حضرت سيدنا عبد الله بن سعيد بن عاص جو نالو حَڪم هو، رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جو نالو عبد الله رکيو، هي بہ اصحابِ صفہ مان هئا- جاهليت واري زماني ۾ هي ڪاتب هئا (اسلام آڻڻ کان بعد) رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي حڪم فرمايائون تہ مديني ۾ ماڻهن کي لکڻ سيکارين. (اسد الغابة ،عبد الله بن سعيد بن العاصي،۳/۲۶۶ملخصا)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علم سکو ۽ سيکاريو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! يقيناً جيڪڏهن جذبو سچو هجي تہ منزل ڏانهن رهنمائي ڪندو آهي، اَصحابِ صُفّہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو عِلمِ دِين سکڻ جو جذبو ڇو تہ سچو هو ان ڪري اهي دلجمعي ۽ استقامت سان ان تي هلندا رهيا، فاقن مٿان فاقا ڪندا رهيا، بک ۽ تنگي برداشت ڪندا رهيا پر پنهنجي مقصد (Purpose) کان پوئتي نہ هٽيا- غور ڪريو! هڪ پاسي اَصحابِ صُفّہ عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو علمِ دِين حاصل ڪرڻ جو اهڙو جذبو هو جو کائڻ پيئڻ جو ڪو خاص انتظام موجود نہ هو، ضرورياتِ زندگي ميسر ناهي، بدن ڍڪڻ جي لاءِ پورا ڪپڙا ناهن، پر پوءِ بہ خوب شوق ۽ جذبي سان علم دين حاصل ڪرڻ ۾

مصروف رهندا هئا جڏهن ته اسان جو حال هي آهي ته کائڻ پيئڻ جي هر طرح جون سهولتون اسان کي ميسر آهن، علمِ دِين حاصل ڪرڻ جا آسان ذريعا به موجود آهن- پر افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اسان صرف نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ ۾ اچي ۽ غفلت ۽ سستي جي ڪري هن عظيم سعادت کان محروم آهيون، ايستائين جو فرض ۽ لازم علم ۽ تجويد سان قرآنِ پاڪ سکڻ جي لاءِ به اسان وقت نٿيون ڪڍون- ياد رکو! انسان جيستائين ڪنهن ڪم کي ڪرڻ جي لاءِ ذهني طور تي تيار نه هجي، اهو ڪم ڪيترو ئي آسان ڇو نه هجي مشڪل لڳندو آهي- پر جڏهن ان ڪم کي ڪرڻ جو پڪو ذهن بڻايو وڃي ۽ ان جي لاءِ وس آهر ڪوشش ڪئي وڃي ته مشڪل کان مشڪل ڪم به آسان ٿي ويندو آهي- تنهنڪري علم ِدِين جي اهميت (Importance) کي سمجهو ۽ دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ هن جذبي کي عملي جامو پارائيندي علم دِين سکڻ ۾ مشغول ٿي وڃو- ياد رکو! جهڙي طرح کائڻ پيئڻ اسان جي جسم جي غذا (Diet) آهي، اهڙي طرح علم اسان جي دل جي غذا آهي، جيڪڏهن جسم کي کاڌو نه ڏنو وڃي ته هو ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ مسلسل ڪافي ڏينهن تائين بکايل رهڻ جي ڪري موت به ٿي سگهي ٿو، اهڙي طرح علم دل جي غذا آهي جيڪڏهن دل کي علم جي نور سان منور نه رکيو وڃي ته اها به مُرده ٿي ويندي آهي،

## دل جي غذا علم ۽ حڪمت آهي

منقول آهي ته هڪ ڀيري حضرت سيدُنا فتح مُوصلي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ حاضرين کان پڇيائون: جڏهن مريض کي کائڻ پيئڻ ۽ دوا کان روڪيو وڃي ته ڇا اهو مري ناهي ويندو؟ ماڻهن عرض ڪيو: جي ها- ته پاڻ فرمايائون: اهو ئي معاملو دل جو آهي جڏهن ان کي ٽن ڏينهن تائين علم ۽ حڪمت کان روڪيو وڃي ته اها به مري ويندي آهي- امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا فتح مُوصلي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ سچ فرمايو ڇوته دل جي غذا علم ۽ حڪمت آهي ۽ هنن ٻنهي سان دل زنده رهندي آهي جيئن جسم جي غذا کائڻ پيئڻ آهي، جنهن علم کي حاصل نه ڪيو ان جي دل بيمار آهي ۽ ان جو موت يقيني آهي پر ان کي هن ڳالھ جو شعور ناهي هوندو ڇوته دنيا ۾ مشغوليت ان جي احساس کي ختم ڪندي آهي ۽ جڏهن موت ان مشغلن کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي ته اها گهڻي تڪليف محسوس ڪندي آهي ۽ ان کي بي انتها افسوس ٿيندو آهي ۽ نبي اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هن فرمانِ عاليشان: اَلنَّاسُ نِيَامٌ فَاِذَامَاتُوْا اِنْتَبَهُوْا- يعني ماڻهو

سُتل آهن جڏهن مري ويندا تہ بيدار ٿي ويندا- جو بہ اهو ئي مطلب آهي- (حلية الاولياء،سفيان ثوري،۵۴/۷، حديث:۹۵۷۶) (لباب الاحياء ،ص۲۴) **علمِ دِين سکڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ هن پُرفتن دَور ۾ "مدني چينل" تمام وڏو معاون ۽ مددگار آهي، ❖ مدني چينل تي هلندڙ علمِ دِين سان مالا مال مختلف سلسلا عِلمِ دِين سکڻ جو شوق پيدا** **ڪندا، هفتيوار مدني مذاڪرو پاڻ بہ پابندي سان ڏسو ۽ پنهنجي گھروارن کي بہ ڏيکاريو، هن سان بہ علمِ دين سکڻ جو شوق پيدا ٿيندو، ❖ هر هفتيوار مدني رِسالي جي مطالعي جو معمول بڻايو، ان جي برڪت سان بہ علمِ دين سکڻ جو شوق پيدا ٿيندو ❖ ماهنامہ فيضانِ مدينہ جي مطالعہ جي برڪت سان بہ علمِ دين سکڻ جو شوق پيدا ٿيندو- ❖ دعوتِ اِسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) جو وزٽ ڪريو، سوين موضوعن تي سُنّتن ڀريا بيان (آڊيو/ويڊيو)، مدني مذاڪرا ڏسڻ ٻڌڻ، علمِ دِين سان مالامال ڪتابن ۽ رسالن جي مطالعي جي برڪت سان علمِ دِين سکڻ جو شوق پيدا ٿيندو-**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَصحابِ صُفہ جو روشن ڪردار

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اَصحابِ صُفہ** عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان **پنهنجون زندگيون هن انداز سان گذاريون جو اهي اڄ تائين امّت جي لاءِ مشعلِ راهہ جي حيثيت رکن ٿا، انهن جو اخلاص، لِلهيّت، تقويٰ، زُهد**(دنيا کان بي رغبتي)**، عاجزي، شوقِ علم، خدمتِ دين، قناعت**(جيڪو ملي ان تي راضي رهڻ)**، توڪل**(الله تي ڀروسو)**، خوفِ خدا، عشقِ رسول سميت تمام سنيون خوبيون پنهنجو مٽ پاڻ آهن- الله پاڪ هن مقدس گروهہ کي اهو مقام عطا فرمايو آهي جو فقط انهن جو ذڪر ڪرڻ بہ ان جون رحمتون ماڻڻ جو سبب آهي- الله پاڪ هن مقدس گروهہ جي تذڪرن ۾ بہ اهڙو اثر رکيو آهي جو فقط انهن جي ذڪر جي برڪت سان دلين جي دنيا بدلجڻ لڳندي آهي، اڄ بہ هنن پاڪيزه ماڻهن جي قربانين جو تذڪرو ڪيو وڃي تہ بدن ڪاندارجي ويندو آهي، اڄ بہ هنن پاڪيزه ماڻهن جي بيڪسي ۽ بيوسي جو سوچيو وڃي تہ عقل حيران رهجي ويندا آهن تہ ايترين مشڪلاتن ۾ بہ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو اهڙو جذبو مرحبا صد مرحبا! اڄ بہ هنن پاڪيزه ماڻهن جي واقعن کي ٻڌو وڃي تہ شايد اکين مان ڳوڙهن جي برسات جاري ٿي وڃي، اڄ بہ هنن پاڪيزه ماڻهن جي صبر ۽ دينِ اسلام تي ثابت قدمي جي واقعن جو تذڪرو ٿئي تہ همت ۽ حوصلي جون نيون منزلون طئي ٿينديون**

آهن، اچو انهن مردانِ خدا مان ٻن مردان حق حضرت سلمان فارسي ۽ حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہما جو ذڪرِ خير ٻڌون ٿيون:

## حضرت سلمان فارسي جي مبارڪ سيرت جون جهلڪيون

اَصحابِ صُفّہ ۾ هڪ بزرگ هستي حضرت سَيدنا سلمان فارسي رضی اللہ تعالٰی عنہ جي آهي، پاڻ رضی اللہ عنہ جي ڪنيت ابو عبداللّٰه آهي- پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ زُهد وقناعت اپنائڻ وارا، تقويٰ ۽ پرهيز گاري جي گُلن کي پنهنجي دامن تي سجائڻ وارا، حضرتِ سيدنا عيسيٰ علیہ السّلام جا تابعي ۽ رحمتِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي صحابي هئڻ جو اعزاز حاصل ڪرڻ وارا مشهور صحابي آهن- (مرأة المناجيح،٨/ ٥٢٢ملخصاً) حضرت سلمان فارسي رضی اللہ تعالٰی عنہ جي اِسلام قبول ڪرڻ جو واقعو نهايت ايمان افروز آهي-

پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ اَصفَهان (ايران) جا رهاڪو هئا- پنهنجي ابن ڏاڏن جي دين کان بيزار ٿي دينِ حق جي تلاش ۾ پنهنجي وطن کان نڪري مختلف ديني ۽ مذهبي رهنمائن جي صحبت اختيار ڪئي- هڪ رَاهب اوهان کي ٻڌايو تہ هاڻي نبي آخِرُ الزَّمان صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم جي ظهور جو وقت ويجهو آهي جيڪي دينِ ابراهيمي تي هوندا، ان مقام ڏانهن هجرت (Migration) ڪندا، جيڪو ٻہ جبلن جي وچ ۾ هوندو، جتي ڪجور جا وڻ ڪثرت سان موجود هوندا، ان شخص جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ مُهرِنَبُوَّت هوندي، هو هديو قبول ڪندا ۽ صدقو نہ کائيندا- رَاهب جي انتقال کان پوءِ پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ هڪ قافلي سان گڏ سفر ڪري رهيا هئا- واٽ ۾ قافلي وارن جي نيت بدلجي وئي ۽ انهن سندن رضی اللہ تعالٰی عنہ کي هڪ يهودي وٽ وڪڻي ڇڏيو- (طبقاتِ ابنِ سعد، ٥٦/٤) تقريبًا ڏهہ ڀيرا وڪاميا- (بخاري،ڪتاب مناقب الانصار باب اسلام سلمان فارسي٦٠٧/٢، حديث:٣٩٤٦) نيٺ وڪامجندي وڪامجندي مدينہ مُنَوَّره پهچي ويا- پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ هڪ ڀيرو ڪجيءَ جي وڻ تي چڙهي ڪجور لاهي رهيا هئا تہ خبر ٻڌائون تہ نبي آخِرُ الزَّمان صلّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلّم هجرت فرمائي مديني جي ويجهو مقامِ قُبا ۾ تشريف فرما تي چڪا آهن، انهيء وقت دل بيقرار ٿي وئي، يڪدم هيٺ لٿا ۽ خبر آڻڻ واري کان ٻيهر اها رُوح پرَوَر خبر ٻڌڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، يهودي مالڪ پنهنجي غلام جو تَجَسُّس ۽ بيقراري ڏسي تہ ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ هڪ زوردار ٿڦ هڻي چوڻ لڳو: توکي هنن ڳالهين سان ڪهڙو مطلب؟ وڃ! ٻيهر ڪم تي لڳي وڃ، پاڻ رضی اللہ تعالٰی عنہ دل تي پٿر رکي چپ ٿي ويا پر صَبر ۽ قَرار تہ لُٽجي چڪو هو، تنهنڪري جيئن

ئي موقعو مليو تہ ڪجهہ ڪجورون هڪ ٿالهيءَ ۾ رکي بارگاهہ رسالتِ ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اهو صدقو آهي، قبول فرمائي ونو! پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہَ ڪرام کي فرمايائون: توهان کائي ونو، ۽ پاڻ نہ کاڌائون- اهڙي طرح هڪ نشاني تہ پوري ٿي، هڪ ٻيري ڀيهر ڪجورن واري ٿالهي کڻي پهتا ۽ عرض گذار ٿيا تہ اهو تحفو آهي، قبول فرمائي ونو- رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہَ ڪرام کي کائڻ جو اشارو ڪيائون ۽ پاڻ بہ تناول فرمايائون- اهڙي طرح ٻي نشاني بہ پوري ٿي ان وچ ۾ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ "مُهرِ نَبُوت" کي بہ ڏسي ورتائون، ان ڪري يڪدم اسلام قبول ڪري ورتو ۽ انَ دَر جا غلام بڻجي ويا جن تي بادشاهن جا ڪنڌ جهڪندا آهن- (طبقاتِ ابنِ سعد ، ۵۸/۴ ملخصاً) غزوهءِ خندق ۾ خندق کوٽڻ جو مشورو بہ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ئي جو هو- (طبقاتِ ابنِ سعد، 51/2) پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي سرورِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان تمام گهڻي محبت هئي، پنهنجي وقت جو ڪافي حصو دربارِرسالت ۾ گذاري فيضانِ نبوي سان فيضياب ٿيندا هئا، ان جي بدلي ۾ بارگاهِ رسالت مان سَلمَانُ الخَيرِ- (سنن الكبري للنسائي، ۹/۶، حديث: ۹۸۴۹) ۽ سَلۡمَانُ مِنَّا اَهلَ الۡبَيت (سلمان اسان جي اَهلِ بيت مان آهن)- (مسند بزار، ۱۳۹/۱۳، حديث: ۶۵۳۴) جهڙي خوشخبري ٻڌڻ جي سعادت ماڻي.

هڪ ٻي هنڌ تي هن وڏي خوشخبري سان سرفراز ٿيا تہ جنّت "سلمان فارسي" جي مشتاق آهي- (ترمذي،ڪتاب المناقب، باب مناقب سلمان فارسي ۴۳۸/۵، حديث:۳۸۲۲)

حضرت سَيدنا سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي صدقي اسان تي بہ ڪرم ٿئي ۽ اسان بہ جنت ۾ داخل ڪيا وڃون. اچو! دعا ڪريون ٿا

الله کرم اتنا گنہگار پہ فرما

جنت میں پڑوسی مرے آقا کا بنادے

## حضرت ابوهريره جو مختصر تعارف

آفتابِ نُبُوّت، ماهتابِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت جو شَرَف ماڻڻ وارن روشن تارن مان هڪ حضرت سيدنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ بہ آهن- پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جليلُ القدر صحابہ ڪرام مان آهن، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ 7 هجري فتحِ خيبر جي سال ايمان جي دولت سان مشرف ٿيا- غالباً پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جو نالو عَبدُ الرَّحمٰن بن صَخر دَوسي تميمي آهي- هڪ ڀيري سرڪارِ نامدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت

ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي آستين (Sleeve) ۾ ننڍڙي ٻلي ڏسي فرمايائون: يا اَبَا هُرَيرَة (يعني اي ننڍي ٻلي وارا)، تڏهن کان پاڻ ابوهريره جي ڪنيت سان مشهور ٿي ويا، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبيِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون ڪيئي حديثون روايت ڪيون آهن جن جو تعداد پنج هزار ٽي سو چوهتر(5374) آهي- (عمدة القاري،۱۹۴/۱، تحت الحديث:۹ ، ملخصاً) سندن عِلمِ دين سان شَغَف جو عالَم هي هو جو جيڪا ڳالهه معلوم نہ هوندي هئي حُضُورِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان بنا حجاب جي پڇي وٺندا هئا- (الاصابه، ۳۵۴/۷) پنهنجو وڌ کان وڌ وقت نبي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي صحبتِ بابرڪت ۾ گذاريندا هئا- (اسد الغابة، ۳۳۸/۶) پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا هڪ ڀيري مون بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان اوهان کان فرمان ٻڌندو آهيان پر وسري ويندا آهن؟ ارشاد فرمايائون: ابوهريره! پنهنجي چادر ڦهلايو، مون ڦهلائي تہ مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي دستِ رحمت سان چادر ۾ ڪجهہ وجهي ڇڏيائون ۽ فرمايائون: هن کي ڪٺي ۽ سينَي سان لڳائي ڇڏ! مون حڪم جي پيروي ڪئي، ان کان بعد مان ڪا بہ شيء نہ وسريس- (بخاري،ڪتاب العلم باب حفظ العلم ۶۲/۱، حديث: ۱۱۹ملخصاً)

مالکِ کَونین ہیں گو پاس کچھ رکھتے نہیں
دو جہاں کی نعمتیں ہیں ان کے خالی ہاتھ میں

حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هڪ ڀيري دعا گهري اَللّٰهُم إنِی أَسْأَلُكَ عِلمًا لَا يُنسَى "اي الله پاڪ مان تون کان اهڙو علم گهران ٿو جيڪو ڪڏهن نہ وساريان-" رسولِ خدا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سندن دعا تي " آمين" فرمايو- (المستدرڪ علي الصحيحين، ۶۴۹/۴، حديث: ۶۲۱۴) سندن وٽ هزار ڳنڍون لڳل هڪ ڌاڳو هو جنهن تي تسبيح پڙهڻ بنا نہ سمهندا هئا- (صفة الصفوة ، ۳۵۱/۱) پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ هر مهيني جي آغاز ۾ ٽي روزا رکندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪنهن سبب نہ رکي سگهندا هئا تہ مهيني جي آخر ۾ ٽي روزا رکندا هئا- (ماخوذ آز مسند احمد، ۲۶۸/۳، حديث: ۸۶۴۱) پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ مدينہ منوره جي قبرستان "جنّت البقيع" ۾ دفن آهن-

## مجلس مدني انعامات

پياريو پياريون اسلامي ڀينرون! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ مسلمانن کي گناهن کا بچائڻ ۽ نيڪين جي راهہ تي آڻڻ جي لاءِ مصروف عمل

آهي. سڄي دنيا ۾ مدني ڪم ڪي منظم ڪرڻ جي لاءِ ڪم وپيش 104 شعبا (Departments) قائم آهن، انهن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلس مدني انعامات“ بہ آهي- هن مجلس جو بنيادي مقصد اسلامي ڀينرن، ۽ جامعاتُ المدينہ و مَدارِسُ المدينہ جي ۽ شاگرداڻين کي باعمل بڻائڻ ۽ انهن کي مدني انعامات تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ آهي، شيخِ طريقت،امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ڪاش! ٻين فرضن ۽ سُنتن جي بجا آوَري سان گڏوگڏ تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن مَدَني انعامات کي بہ پنهنجي زندگي جو دستورُ العَمَل بڻائي وٺن. اسان بہ نيڪي جي ڪمن ۾ وڌي ڪري حصو وٺون ۽ مدني انعام تي نہ صرف پاڻ عمل ڪيون بلڪ ٻين اسلامي ڀينرن کي بہ هن جي ترغيب ڏياري گهڻو ثواب ڪمايون اِنْ شَآءَاللّٰہعَزَّوَجَلَّ

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ! صلَّی اللہ تعالٰی علٰی محمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سانَ محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

## لباس پائڻ جون سنتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڃو باني دعوتِ اسلامي،شيخ طريقت،امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل “ مان لباس جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا-

1 …مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۹۷/۱،حديث:۱۷۵

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: ❖ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن کو ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ الله چئي وٺي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط ج٢ص٥٩حديث ٢٥٠٤) مُفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان جي شرمگاهہ کي ڏسي نہ سگهن. (مرآة المناجيح،١/ ٢٦٨) ❖ جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِحَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ تہ ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف ٿي ويندا. (شُعَبُ الْاِيمان ج٥ ص١٨١ حديث٦٢٨٥) جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ❖ خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لِّلْعٰلَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (كَشْفُ الاِلْتِباس فِي اسْتِحْبابِ اللّباس لِلشَّيخ عبدالْحَقّ الدّهلَوي ص٣٦) ❖ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي. (اَيضاً ص١ ۴) ❖ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهريان آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (اَيضاً٤٣) ❖ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع آهي"معاشري جي اصلاح". جنهن ۾ بيان ڪيو ويندو تہ ❖ معاشري جي اصلاح ڪيئن ممڪن آهي؟ ❖ اهي ڪهڙيون بيماريون آهن جن معاشري کي پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي رکيو آهي❖ معاشري کي بهتر کان بهترين بڻائڻ ۾ اميراهلسنت

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ ۽ **دعوتِ اسلامي جو کھڙو ڪردار آهي، لهٰذا! آئنده اربع ۾ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين ڪي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي ڇڏيو:** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اٰمين بِجاهِ النَّبِيِّ الْاَمين صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم